حصو – ب (مختصر جوابن جا سوال)

سوال نمبر ـ2: پاڪ [illegible] صلي الله عليه وسلم اسلامي برادري بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو آهي؟

سوال نمبر ـ3: حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جا ڪهڙا مشهور شاگرد ٿي گذريا آهن؟

سوال نمبر ـ4: يقين محڪم ڇا کي ٿو سڏجي؟

سوال نمبر ـ5: ڇوڪري اٺ جي هڏن مان ڇا ٺاهيا؟

سوال نمبر ـ6: ميرن جي دربار جو ذڪر ڊاڪٽر جيمس برنس ڪهڙي ڪتاب ۾ ڪيو آهي؟

سوال نمبر ـ7: نوريءَ جي تبر ڪٿي آهي؟

سوال نمبر ـ8: سليم وڏيڪ ڇو نه پڙهي سگهيو؟

سوال نمبر ـ9: هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.

ورندي   جدوجهد   چمار   رحلت

سوال نمبر ـ10: ڪي به چار اصطلاح لکو.

سوال نمبر ـ11: ڪن به ڇهن ڪمن جا نالا لکو.

سوال نمبر ـ12: اسم عام جي تعريف ڪريو.

سوال نمبر ـ13: هيٺين لفظن جا واحد ٺاهيو.

مورتيون   علامتون   سنها   ڪپڙا

حصو – ج (تفصيلي جوابن جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن به 3 سوالن جا جواب ڏيو هر سوال تي 08 مارڪون رکيل آهن.

سوال نمبر ـ14: هيٺين مان ڪنهن به هڪ تي مضمون لکو.

اسان جو پيارو وطن   مائي خيري   ڪينجهر ڍنڍ

سوال نمبر ـ15: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماسٽر، هيڊ ماستريائي کي پنهنجي والد جي بدليءَ سبب اسڪول ڇڏڻ جي سرٽيفڪيٽ لاءِ

درخواست لکو.

يا

پنهنجي دوست کي خط لکي پنهنجي وڏي ڀاءُ جي شاديءَ ۾ شرڪت جي دعوت ڏيوس.

سوال نمبر ـ16: هيٺين شعرن جي سمجهاڻي لکو.

الف: اسان جي دين ايمان کي سلامت رک، خداوند

بچائج تون مسلمانن جي عزت ابرو هر جا

ب: ڪڪائن گهرن کي تون روشن ڪرين ٿو

غريبن جي جهُونپڙن کي گلشن ڪرين ٿو

سوال نمبر ـ17: حجته الوداع، سبق جو خلاصو لکو

يا

مشهور شاعر شاهه عبداللطيف جا حالات زندگي لکو.